**ساجده پروين**

# شاهه وٽ غير جاندار شين جي ڪردار نگاري

**Abstract**

*Shah Lateef minutely observed every aspect of Sindh by travelling across it. As a creative being, he observed each and every attribute and character of Sindh – living or nonliving, found in nature, moving or still - such as: river, sea, trees, boats, musical instruments, markets, traders, hills, rocks, moon, sun, stars, etc. Shah used all of these as characters in his poetry.*

*This research paper throws light on the non living natural phenomenological characters chosen by Shah. Shah used these characters both in direct and in symbolical sense in his poetry. Shah shows the nonliving natural characters according to his philosophy Wahdat ul Wajood or pantheism, in which every thing is the manifestation and witness of God.*

*Shah Lateef has the power to give due appreciation, importance and meaning to each character. He expresses his philosophy through these characters and links them with his amazing imaginary power of aestheticism.*

*Characters are very important for a creative being. Human being is also connected with all the characters of nature. According to Hegel's philosophy: "Man is alive nature and connected with nonliving nature"*

*During lifetime, there are many positive and negative aspects and conflicts of these characters among each other. For instance river is source of trade, food and travelling but it is also the cause of drowning of the character of "Sohni". Hills and rocks are pinnacles of hardship for Sasui, but also symbolize the struggle of life. This paper shows the variant forms and diversified uses of the nonliving characters.*

**ڪائنات** بي شمار فطرتي مظهرن تي مشتمل آهي. هر مظهر هڪ معروض (object) جي حيثيت رکي ٿو. شيڪسپيئر چواڻي ته:

”سڄي دنيا هڪ اسٽيج آهي، جنهن تي ظاهر ٿيندڙ ان جا ڪردار آهن.“(1)

جڏهن ڪو تخليقڪار ڪائنات جي ڪثرتي مظهرن مان ڪنهن هڪ معروض (object) کي چوندي، پنهنجي تخيل ذريعي ڪنهن خاص پس منظر مان اپاري پين جي سامهون حقيقي انداز ۾ ان جا نقش چٽي ٿو، ته پوءِ اهو معروض صرف هڪ معروض نٿو رهي بلڪ ”ڪردار“ بڻجي پوي ٿو.

ڪردار ڇا آهي؟ ان بابت اسان کي ڪيترين ئي وصفون ملي ٿيون. جيئن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**Character:**

"The word character is derived from the greek word "character" which means a point by which one thing was told apart from others." (2)

لفظ "ڪردار" يوناني زبان جي لفظ Charakter تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي هڪ شيءِ کي ٻئي کان ڌار ڪري بيان ڪرڻ.

آمريڪن هيريٽيج ڊڪشنري لفظ "ڪردار" جي وصف ڪجهه هن ريت بيان ڪري ٿي:

**Character:**

"The combination of qualities or features that distinguishes one person group or thing from anthor." (3)

ڪنهن ماڻهو، گروهه يا شيءِ جون گڏيل خاصيتون، جيڪي ڪين ٻين کان منفرد بڻائين، اهو ڪردار آهي.

ميريم ويبسٽر ڊڪشنريءَ ۾ بہ لفظ ڪردار جي ملندڙ جلندڙ وصف ملي ٿي:

**Character:**

"One of the attributes or features that make up and distinguish an individual." (4)

انفرادي طور ڪنهن شيءِ جي خاصيتن کي ظاهر ڪرڻ ۽ نمايان ڪرڻ کي ڪردار چئجي ٿو.

مٿي بيان ڪيل وصفن جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهہ واضح طور سامهون اچي ٿي تہ ڪردار ڪنهن بہ هڪ شيءِ جي تمام خاصيتن کي بيان ڪرڻ جو نالو آهي، جڏهن تہ ڪردار نگاري اهو طريقو آهي جنهن ذريعي ڪو بہ تخليقڪار پنهنجا ڪردار ٻين آڏو پيش ڪري ٿو.

ڪئمبرج ايڊوانس ڊڪشنري بہ ڪردار نگاريءَ جي وصف بابت ساڳئي ڳالهہ ٻڌائي ٿي:

**Characterization:**

"The way in which the characher of a real person or thing is described." (5)

ڪردار ۽ ڪردارنگاري صرف نثري ادب جا نہ بلڪ شاعريءَ جا بہ اهم جزا آهن. ڪو بہ شاعر پنهنجا خيال، جذبا، احساس، فڪر ۽ فلسفو بغير ڪنهن ڪردار جي ٻين تائين نٿو پهچائي سگهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هوندئن تہ ڪردارن جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا پر ٻہ قسم نهايت اهم آهن:

1. مرڪزي ڪردار:(Major characters)

جن جي چوڌاري پوري ڪهاڻي ڦرندي آهي.

2. ثانوي ڪردار: ( Minor characters)

جيڪي مرڪزي ڪردارن کي اڳتي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن.

افسانوي ادب ۾ ثانوي ڪردارن کي ڪجھ سا ڳيئي ريت بيان ڪري ٿو:

**Minor Characters:**

"They serve to complement the major characters and help move the plot events forward." (6)

شاهہ جي ڪردارن تي جڏهن اسان غور ڪنداسين تہ، خبر پوندي تہ شاهہ پنهنجن مرڪزي ڪردارن کي اثرائتو بنائڻ لاءِ لاتعداد ثانوي ڪردارن جي ڪردار نگاري ڪئي آهي.

انهن ڪردارن ۾ درياهہ، ان جي مستي، ڇولين جو شعور، ڪچو گهڙو، ڍنڍون، واهہ، پاڻيءَ تي ترندڙ ٻيڙيون، جهاز، بندر بازاريون، ٿر، بر، رائو ، رڃ، جبل، ڏنگاچارا، سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڦاٽل اباڻي لوئي، ڪاڪ محل، نولکو هار، ٻيجل جوچنگ غرض مختلف ڪردارن جو نهايت اثرائتو احوال اهڙي تہ سهڻي ۽ دلچسپ انداز ۾ مليو ٿو جو انساني عقل دنگ رهجيو وڃي.

علامہ آءِ. آءِ. قاضي شاهہ جي ڪردارن بابت لکي ٿو تہ:

" As to the objects, he picks up anything that falls in his way, be it a dried thorn-bush, a swan, a cloud or a yogi walking in the mountains." (7)

**ترجمو:** "شاهہ پنهنجي واٽ ۾ ايندڙ ڪنهن بہ شيءِ کي ڪردار طور کڻي ٿو، پوءِ اها سڪل ڪنڊي هجي،ڪو هنج پکي هجي ، ڪو ڪڪر يا وري جَبل جھاڳيندڙ جوڳي."

شاهہ انهن ثانوي ڪردارن جي ڪردارنگاري ڪهڙي ريت ڪئي آهي، سندس ڪردارنگاريءَ جون ڪهڙيون خاصيتون آهن، هتي انهن جو هڪ جائزو پيش ڪجي ٿو:

## 1. درياهہ/ سمنڊ:

سنڌو درياهہ/ سمنڊ جو ڪردار شاهہ وٽ نهايت سگهارو ۽ اهم آهي، جنهن تي شاهہ پورا پنج سُر چيا آهن. جن ۾ سُر سريراڳ، سُر سامونڊي، سُر سهڻي، سُر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪاموڏ ۽ سر گهاتو شامل آهن. انهن پنجن ئي سرن ۾ شاهه جي شاعراڻي تخيل، فڪر ۽ فلسفي جو ڪمال اهو آهي جو سنڌو درياهه هڪ نئين رخ سان پڙهندڙن جي سامهون اچي ٿو. سهڻيءَ لاءِ درياهه محبوب سان ملڻ جو ذريعو آهي. شاهه چوي ٿو:

دهشت دم درياهه ۾، جت ڪڙڪو ڪُنُ ڪري،
توڏي تاڪن وچ ۾، مٿان وير وري،
آءُ ساهڙ! منهنجا سپرين! پريان پير پري،
هادي! هٿ ڌري، اونهي مان اڪاريين.
سرسهڻي (2-6)

هتي درياهه جي ڪردار نگاري ٻن طريقن سان ڪئي وئي آهي. هڪ ته درياهه نهايت خوفناڪ ڪردار آهي، جيڪو پاڻيءَ سان تار لڳو پيو آهي. لهرن مٿان لهرون سنڌس دهشت ۾ وڌيڪ اضافو پيون ڪن. ڪُنُ جو هنياءُ ڌهڪائيندڙ آواز دل ڪي وڌيڪ هيسائي پيو، ٻئي طرف اهو محبوب سان ميل ملاقات ۽ پيار محبت ونڊڻ جو ذريعو آهي.

درياهه پار ڪرڻ لاءِ سهڻيءَ جو گهڙو به هڪ ثانوي ڪردار آهي، جنهن بابت شاهه چوي ٿو:

ڪديا جي ڪِلاَلَ، سي پَسي خال خوش ٿئي،
پاڻيءَ چٽ پُسائيا، ڏاءَ نه جهلي ڏمال،
سُپڪ پانيا سهڻي، جوين جي جمال،
آڪي جا احوال، معلوم ٿيا مهراڻ ۾.
سرسهڻي (8-11)

ڪنڀار ايتري ته هوشياري، هنرمندي ۽ خوبصورتيءَ سان گهڙي جي چٽسالي ڪئي جو سهڻيءَ کي به گهڙي جي ڪچي هئڻ جي خبر ان وقت پئي جڏهن مهراڻ ۾ گهڙي ۽ پيلو پرڻ لڳس.

شاهه وٽ سنڌو درياهه هڪ املهه خزاني جو ڪردار پڻ ادا ڪري ٿو، جنهن مان بي شمار آبي نباتات ۽ حيوانات جيئن مڇيون ۽ انهن جا ڪيترائي قسم ملن ٿا، جن ۾ پلو، گندڻ، ڏنيرو، پوپري، سينگاري، ڪگا، شاڪر ۽ ٿيلي وغيره شامل آهن. اهي عام ماڻهن لاءِ ڪاڌ خوراڪ ۽ مهاڻن لاءِ گذرسفر ۽ معاش جو ذريعو آهن. شاهه انهن ڪردارن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو آهي:

نہ ڪا بوءِ بازار ۾، نہ ڪا چلُر چَٽَ،
جتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اگهٽ،
سي پڙ پسيو پٽ، ماڙهو وڄن موٽيا.
گهاتو (1-11)

تنهن کان سواءِ شاهہ وٽ سنڌو درياهہ جو ڪردار هڪ ديوتا وارو بہ آهي، جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي، جيڪو آسون، اميدون ۽ باسون پڄائيندڙ آهي.

ان بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو تہ:

”سنڌ ۾ جل ديوتا جي پوڄا هندن توڙي مسلمانن ۾ خاص طور مهاڻن، ميربحرن، ماڇين ناکوئن، ٻيڙياتن ۽ درياهہ سان وهنوار رکندڙ قومن ۽ قبيلن ۾ عام طور جاري رهي آهي.“(8)

شاهہ جي سر سامونڊيءَ جا بيت سنڌ ۾ جل پوڄا جو واضح ثبوت آهن. شاهہ چوي ٿو:

اُپِيون تڙ پوڄين، وَهُون وڻجارن جون،
آڻيو اَکا ڏينِ، ڪتوري سمونڊ کي.
سامونڊي (2- 18)

وڻجارن جون ونيون وڻجارن جي سفر تي اسهڻ ۽ خير سان ورڻ لاءِ درياهہ شاهہ ۾ پوڄا خاطر اکا وجهنديون هيون، ڏيئا موهينديون هيون ۽ سرڪنڊ جي خوشبوءَ جو واس ڏينديون هيون.

شاهہ، درياهہ جي پوڄا جي ڪردارنگاري ڪندي مذهبي سوچ ڌارا، انساني فطرت جي وهمن، وسوسن ۽ خدشن واري پهلوءَ کي بہ نظر انداز ناهي ڪيو. سست، لاپرواهہ ۽ باس پوري نہ ڪندڙ وڻجاريءَ کي جل پوڄا ڪرڻ جي يادگيري ڏياريندي هدايت ڪري ٿو تہ:

جا جر جاتُون نہ ڏئي، ڏيا نہ موهي،
سڌون ڪوهُ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون؟
سامونڊي (2- 23)

سرسريراڳ ۽ سامونڊيءَ ۾ سمنڊ بہ هڪ ڪردار آهي. شاهہ جي

ڪردارنگاريءَ جي خاص ڳالهه اها آهي تہ هو جيڪي بہ ڪردار چونڊي ٿو، انهن کي پنهنجي فڪر ۽ فلسفي وسيلي نهايت ئي دلچسپ نموني نڀائيندي نظر اچي ٿو. سندس بيان جو انداز ايڏو تہ خوبصورت ۽ حقيقي آهي جو اهي ڪردار، ڪتاب جي ٻي جان پنن مان ليئا پائيندي نظر اچن ٿا.

ڪيرت ٻاٻاڻي ڪردار نگاريءَ جي وضاحت ڪندي لکي ٿو:

”ڪردار نگاريءَ جي معنيٰ آهي ڪنهن ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جو نقش اهڙي خوبصورتيءَ سان چٽيل هجي جو اهي ڪتابن جي ٻي جان پنن مان ٻاهر نڪري اچن.“(9)

سمنڊ جو ڪردار اهڙو ئي دلچسپ ڪردار آهي، جنهن جي ڪردارنگاري بہ شاهہ ٻن مختلف طريقن سان ڪئي آهي. هڪ املهہ ماڻڪ، موتي، لال ۽ جواهر پيدا ڪندڙ طور، شاهہ چوي ٿو:

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سئين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو جڙيئي مال ، تہ پوڄارا پُر ٿيين.
سريراڳ (2-3)

هن بيت ۾ شاهہ، وڻجاري کي، جيڪو سر جو آسرو لاهي، پاتال ۾، پيهي سمنڊ جهاڳي سوين ماڻڪ، موتي ۽ املهہ لال لهي اچي ٿو، تنهن کي وڻج واپار ذريعي حاصل ٿيندڙ فائدي جي هدايت ڪري ٿو.

ٻيو طريقو سمنڊ ذريعي ڏورانهين ڏيهن سان وڻج واپار جو آهي. شاهہ چوي ٿو:

جرقل، قوتا، پارچا، پاٽيث، پاتائون،
ڪوئيون قيمت سنديون، تَر ۾ تاڪيائون،
لاڄُنِ منجهہ لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نذرُ نبيءَ ڄام جو، چڙهندي چيائون،
جي ڇهي ڇوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين!
سريراڳ (5- 11)

وڻجارا سمنڊ رستي تجارتي سامان هڪ بندر کان ٻئي بندر تائين پهچائيندا يا وڪڻندا هئا. انهيءَ تجارتي سامان ۾ لونگ، قوتا، اوني ڪپڙو ۽ آبدار موتي شامل هوندا هئا. سندن سفر جو دائرو لنڪا، يمن ۽ ايراني نار تائين هوندو هو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## 2. سج، چنڊ ۽ تارا :

سر ڪنيات ۽ مومل راڻي ۾ شاهه سج، چنڊ ۽ تارن کي پنهنجي شاعريءَ لاءِ ڪردار طور منتخب ڪيو آهي. هو نهايت دلچسپ نموني انهن ڪردارن سان باقاعده مخاطب ٿيو آهي ۽ پنهنجي دل جو حال اوريو اٿائين. هو ڪين ساٿي ۽ دوست بڻائي پنهنجي دل جو راز سلي ٿو، ڪين قاصد بڻائي دل جي دلبر ڏانهن نياپو موڪلي ٿو:

آئون جي ڏِيَئن سنيها، سي تون چنڊ! پلءِ ٻنڌ،
چئج حال حبيب کي، نَئِي نِوڙائي ڪنڌ،
تو تيڏاهين پنڌ، جيڏانهن عالم آسرو.
ڪنيات (2- 3)

ڪڏهن وري انهن آساني مظهرن جي حسن ۽ جمال جو مقابلو پنهنجي محبوب جي حسن سان ڪندي ڪيس سڀ کان وڌيڪ حسين قرار ڏئي ٿو. شاهه چوي ٿو:

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون نازُ نظرُ،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماٽو قمرُ،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبرُ،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.
ڪنيات (1- 18)

يا چوي ٿو:

چوڏهين چنڊ تون ايرين، سَهسين ڪَرِين سينگارَ،
پلڪ پريان جي نہ پَڙين، جي جِيلن ڪَرِيين هزارَ،
جهڙو تون سڀ ڄمارَ، تهڙو دَمُ دوست جو.
ڪنيات (1-11)

هتي خاص طور چوڏهينءَ جي چنڊ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو مهيني جي سيني راتين ۾ وڌيڪ روشن، خوبصورت ۽ مڪمل هوندو آهي پر اهو بہ محبوب جي حسن اڳيان ڪا حيثيت نہ ٿو رکي.هتي شاهه جو تخيل رومانويت ۽ جماليات سان ڪيترو نہ ڀرپور نظر اچي رهيو آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## 3. ڪاڪ محل:

ڪاڪ محل شاهه جي شاعريءَ ۾ سر مومل راڻي سان وابسته هڪ ڪردار آهي. ڪاڪ محل جادوئي ٽڪساٽ آهي، جنهن ۾ ور وڪڙن ۽ منجهائيندڙ پيچرن وارو باغ، هر طرف وڏڪار، خوف ناڪ چوليون هڻندڙ طلسمي درياهه ۽ گجگوڙ ڪندڙ جادوئي شينهن آهن.

ڪاڪ محل ،ڪاڪ جي ڪنڌي سونهن ۽ خوبصورتيءَ، حسن ۽ جوانيءَ، عشق ۽ محبت جو اهڃاڻ آهي. شاهه چوي ٿو:

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اُچل،
نہ ڪا جهل نہ پل، سپ ڪو پسي پرينءَ ڪي.
مومل راڻو (2-8)

ڪاڪ محل محبت جو اهو ديس آهي، جتي هر پل صرف نينهن گهڙجي ٿو، جتي بغير ڪنهن جهل پل جي هر ڪو پرينءَ جو ديدار ڪري سگهي ٿو، جتي ڪي سماجي ، اخلاقي قدر محبت جي پيچري جي رڪاوٽ نٿا بنجن، جتي قرباني ۽ مجبوريءَ جو ڪو نالو نشان نہ آهي.

شاهه چوي ٿو:

جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسوروئي نينهن جو،
پتنگ جيئن پيدا ٿيو، سامي سچ وڙاءُ،
آيو ڪاڪ تڙاءُ، ڪنوارين ڪڪوريو.
مومل راڻو (1-9)

محبت ۽ نينهن جي ديس (يعني ڪاڪ محل) تان جيڪو ريٽجي لال ٿي آيو تنهن جو اندر عشق جي واس سان واسجي ويو ۽ محبت سندس من جي پاتال ۾ گهر ڪري وئي.

## 4. نولکو هار:

نولکي هار جو تعلق سنڌ جي ڏند ڪٿائن ۾ شهزادين ۽ راڻين سان وابسته ملي ٿو. نولکو هار نهايت قيمتي ۽ بيش بها زيور آهي، جنهن کي شاهه سر ليلا چنيسر ۾ ڪردار طور پيش ڪيو آهي. شاهه چوي ٿو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ميٺي مٿي جي هٿا، تن چِٽن ڦيريم چِٽُ،
هار ڪٽنديسِ هوڏ ۾، نيبهه ٿيندم نِٽُ،
ڪؤنرؤَ جو ڪِرٽُ، مونهان مٿانهون ٿيو.
ليلا چنيسر( 1- 7)

شاهه نولکي هار ذريعي عورت جي نفسيات کي ظاهر ڪيو آهي. هر عورت جي اها فطري خواهش ۽ نفسيات هوندي آهي ته هوءَ هر عورت کان وڌيڪ حسين لڳڻ چاهيندي آهي. انهيءَ مقصد لاءِ هوءَ هار سينگار، بهترين لباس ۽ زيورن جو استعمال ڪندي آهي.

ڊاڪٽر سليم اختر زيورن بابت عورتن جي نفسيات واضح ڪندي لکي ٿو ته:

”عورتون زيورن جي معاملي ۾ تمام گهڻيون حساس ٿينديون آهن. پنهنجن توڙي پراون زيورن تي تبصرا ڪرڻ سندن محبوب مشغلو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن عورت وٽ ڪو اهڙو زيور نه هوندو جيڪو ڪنهن ٻي عورت وٽ هوندو ته ڪيس ان جي ڪوٽ احساس ڪمتريءَ جو شڪار بڻائي سگهي ٿي.“ (10)

سو نو لکن هارن جي گهٽتائي ته ليلا وٽ ڪو نه هئي پر عورتاڻي فطرت ۽ نفسيات هٿان مجبور ٿي سوچيائين ته ڪونئرو وارو نولکو هار به جيڪر مون وٽ هجي.

شاهه انهيءَ فڪر جي نمائندگي ڪندي چوي ٿو:

مٽيي تي موهجي، هاري ڳيئڙءِ هار،
ڪوڙيين ڪيا ڪيترا، انهيءَ خر خوار،
پري ويو پتار، آيئي ڏنءُ ڏهاڳ جو.
ليلا چنيسر (1-4)

شاهه جي ڪردارنگاريءَ جي خاصيت اها به آهي ته هو اهڙن ڪردارن سبب جڏهن ڪنهن انسانيءَ زندگيءَ کي ڏک ۽ پيڙا ۾ مبتلا ڏسي ٿو ته ڪين نندينديي پٽِ پاراتو به ڏي ٿو يا وري ميار وارو رويو اختيار ڪري ٿو. سندس ڪردار نگاريءَ جو اهو انداز بي مثال ۽ ٻين شاعرن وٽ اڻ لڀ آهي. شاهه نولکي هار جي ڪردار کي ننديندي چوي ٿو:

مٽيو وجهان مچ ۾، هائيءَ هٽان هارُ،
پري جي پتار، ته ميريائي مانُ لهان.
ليلا چنيسر (1-2)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## 5. لوئي ۾ ملير:

شاهه مارئي ۾ سندس حب الوطنيءَ جو ذڪر ڪندي خاص طور سندس شرم، حيا، لڄ جهڙن جذبن جي عڪاسي لاءِ لوئيءَ جي ڪردار کي تمام گهڻو ساراهيو آهي. شاهه چوي ٿو:

مون ماروءَ سين لڌيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مون کي ٻانهن ٻڌائون،
عمر جو آئون، پَٽُ ڪيئن پهريان سومرا!

مارئيءَ لاءِ اباڻي لوئي صرف مٽي جي پوتي لڄ جو اهڃاڻ ۾ مارن جي نشاني نه آهي بلڪ شاديءَ جي رسم ۾ خاص طور لانون لاءِ استعمال ٿيندڙ چادر آهي، جنهن کي هوءَ عمر سومري جي قيمتي ۾ مهانگي پٽ جهڙي ڪپڙي کان ته ڇا پر هر هڪ سک، سهولت، آسائش ۾ آرام کان مٿانهون ڀانئي ٿي.

شاهه چوي ٿو:

پٽولا پهنواريون، مُورِ نه مٽي ڪَن،
جهه لاک رتائون لوئيون، ته سالنئان سونهن،
اُن ايلاچنئون اڳري، بخمل بافتن،
سکر پائنيان سومرا! ڪتيءَ کان کهنبن،
جا ڏنيم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄَ مران.
مارئي (3-1)

شاهه قيمتي ريشمي ڪپڙن، خوبصورت شالن، بخمل، بافتن کان وڌيڪ لاک جهڙي سستي شيءِ سان رڱيل ڳاڙهي لوئيءَ جي ڪردار کي وڌيڪ اهم ٿو سمجهي ڇاڪاڻ ته وٽس لوئي سماجي طور اخلاقي قدر جو اهڃاڻ آهي، جنهن کي لالچ ۾ حرص ۾ اچي لاهڻ کان بهتر موت کي ترجيح ڏيئي ٿو.

شاهه ان قدر جي ڀرپور نمائندگي ڪئي آهي، تنهن ڪري چوي ٿو:

سهسين سيبا ڪَنجُري، لوئي سين ليڙنِ،
ههڙو حال وٺي ڪري، وڃان منجهه ٿَرنِ
مارو ماڻَ چون، ته هئي آسانهين آسري.
مارئي (2-11)

سوين ٽوپا ڏنل چولو ۽ ليڙون ليڙون ٿيل لوئي ئي سهي پر پنهنجي چڱي آهي. ان کي پنهنجي وجود کان ڌار نہ ڪج چاڪاڻ تہ اهائي تنهنجي سڃاڻپ آهي.

ملير جو ڪردار وري وطن جي حب، ماروئڙن جي جهوپڙن ۾ تر ۾ پيدا ٿيندڙ جنسن ذريعي اڀري سامهون اچي ٿو. جيڪي ملير جي مارن لاءِ زندگيءَ جو جياپو ۽ جيئڻ لاءِ اتساهہ جو ذريعو آهن. شاهہ چوي ٿو:

واجهائي وطن کي، آئون جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا، ڪج پهنوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي، منجهان ولڙين واس،
مُيائي جياسِ، جي وڃي مڙهہُ ملير ڏي.
مارئي (6- 12)

هتي ملير جو ڪردار فني توڙي فڪري لحاظ کان ڪيڏو نہ اڻ ملهائتو ڪري پيش ڪيو ويو آهي. شاهہ مارئيءَ جي زباني چورائي ٿو تہ ،آءٌ جيڪڏهن هن بند ۾ وطن لاءِ واجهائيندي مري وڃان تہ منهنجو جسم پنهنجي وطن ۾ ماروئڙن ڏانهن اماڻج جيئن منهنجي جُسي کي ڏاڏاڻي ڏيهہ جي ولڙين جي خوشبوءِ نصيب ٿئي، جي ايئن ٿيو تہ آءٌ سمجهندس تہ مون کي هڪ نئين حياتي ملي. وري شاهہ چوي ٿو:

آٽين کي چاڙهين، ڏٿُ ڏيهاڻي سومرا!
سٿا ڪيو سيد چي، سائون سڪائين!
منجهان لنب لطيف چي، چانئر ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نہ پاڙين، عمر! آراڙيءَ سين.
مارئي (7- 4)

ملير جي مٽي ماروئڙن لاءِ ماءُ مثل آهي. سندس هنج زرخيز آهي، جيڪا پنهنجن ٻچڙن جي ڏکن، ڏولائن ۾ دردن جو درمان بڻجي ٿي. ان ڌرتيءَ مان ڦٽي نڪرندڙ ڏٿ، سائون، لنب، آراڙي، للر عمر جي بادشاهي دسترخوان تي ايندڙ عاليشان کاڌن کان وڌيڪ ساءَ وارا آهن، جن کي ماروئڙا ۽ جهانگيئڙا شوق وچان روزانہ آٽيو ۽ چاڙهيو کائين ٿا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## 6. ڏونگر/ جبل:

سسئي شاهه جو آئيڊيل ڪردار آهي، جنهن تي هن پنج سر چيا آهن. شاهه سسئيءَ جي عشقيه داستان بيان ڪرڻ بجاءِ ڀنڀور کان ڪيچ مڪران تائين جي پنڌ، ان ۾ ايندڙ مصيبتن، ڏکن ڏاکڙن، تڪليفن جو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ سفر دوران سسئيءَ جيڪي جبل جهاڳيا آهن تن کي اهم ڪردارن طور پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو آهي. شاهه چوي ٿو.

چَيَر چَمرُ پانئيان، ڪانيو ۽ ڪارو،
پَبُ وجهنديس پُٺ تي، صبح سوارو،
وجڻ مون وارو، ڪين ويهنديس وچ ۾.
سرديسي (5- 11)

هن بيت ۾ شاهه سسئيءَ جي رستي ۾ ايندڙ ٽن جبلن: ڪانيو، ڪارو ۽ پبُ جو ذڪر ڪيو آهي. هوءَ انهن جبلن کي پنهنجي منزل لاءِ رڪاوٽ نٿي ڀانئي بلڪ عزم، حوصلي ۽ استقلال جو مظاهرو ڪندي چوي ٿي ته صبح سويري آءٌ اهي لتاڙي پٺ تي ڇڏي ويندس.

وڏا وڻ وٽڪار جا، جت جائُو، جمر، جر،
ڪوسا ٽپن ڪڪرا، ڀي دمدم تپي ڏَرَ،
ويچاري ڏي وَرَ، پير نه لهي پرينءَ جو.
سسئي آبري (2- 8)

وٽڪار لس ٻيلي جي هڪ جاءِ جو نالو آهي، جنهن کان تقريباً 30 ڪلو ميٽر پريان جائو جبل آهي. جمر ۽ جر انهيءَ جبل جون ٻه مختلف چوٽيون آهن، جن جو ذڪر شاهه ڪردارن طور ڪيو آهي. سخت گرميءَ سبب تپي باهه ٿي ويل جبل ۽ ڏرتيءَ تي سسئي پرئينءَ جي پير لهڻ لاءِ ڦيرا ڏيئي رهي آهي:

ليڙن لنگهي لَسَ، مانباٽئان متي وِيا،
وٺي وَرُ واٽ ٿيا، پنهون ڄام پَهسَ،
هئا وڏي وَس، ٻاروچا ڀنڀور ۾.
حسيني (5- 1)

مانباڻ ٻه هڪ جبل جو نالو آهي. هي لفظ اصل ۾ مان ٻار/ منهن ٻار آهي،

جنهن جي هيٺان هڪ نئي وهي ٿي، جڏهن ته جبل ۾ هڪ وڏو ڏار موجود آهي. سسئيءَ جڏهن ان جبل تي چڙهي ان ڏار مان منهن ڪڍيو ته ان کي مانڀار/ منهن ڀار ڇيو ويو.

ڪيا ويچاريءَ وسَ، ڪارڻ ڪوهياري گهٽا،
گهٽو پڇي پانڌيين، سندا ڏيرن ڏسَ،
لمَون ڏوري لس، سُتِي سَڳرَ پَٽيين.
حسيني (10- 12)

هتي شاهه ٻن اهم پٽن جي ڪردار نگاري ڪئي آهي. هڪ لَمُون ۽ ٻيو سنگهر پٽ. سنگهرپٽ/ سڳرپٽ اهو هنڌ، اها جاءِ آهي جتي هن وقت سسئيءَ ۽ پنهون جون قبرون موجود آهن. شاهه چوي ٿو ته ويچاريءَ سسئيءَ وڏا وس ڪيا، راهه ويندڙ مسافرن کان پنهنجي محبوب جو ڏس پتو پڇيو پر آخرڪار من جي محرم کي ڏوريندي ڏوريندي وڃي سڳر پٽ جي ميدان ۾ آرامي ٿي.

شاهه سسئيءَ جي حوصلي، همٿ ۽ جدوجهد کي تمام گهڻو ساراهيو آهي. هو چوي ٿو ته هڪ اڪيلي، ضعيف ۽ اسونهين عورت وڏا خطرناڪ جبل، انهن ۾ رهندڙ خونخوار جانورن ۽ اڻ سونهن ماڳهن جي پرواهه نه ڪندي، پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان آهي. هي اهي طاقتور ۽ سگهارا جبل آهن جن چڱن ڀلن مردن کي به شڪست ڏيئي پوئتي هٽڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. شاهه چوي ٿو:

سسئي لنگهيو سو، مرد جنهن ماتُ ڪيا،
جبل وڏو جو، نُوڻ مڙوئي نينهن کي.
ديسي (5- 7)

يعني سسئيءَ لاءِ اهي خطرناڪ ۽ ور وڪڙ، ونگا جبل سنئين پٽ وانگر آهن. شاهه جي ڪردارنگاريءَ جو ڪمال اهو آهي ته هو نهايت خوبصورت فني پيرائي ۾ ڳالهه بيان ڪري ٿو. سندس تخيلي اڏام نهايت وسيع آهي. هو عام ڪردارن کي جن تي ڪير سوچڻ ته ٺهيو پر ڏسڻ به گوارا نه ڪري تن مان شاعراڻي فڪر ۽ فلسفي ذريعي اهڙا ته رومانوي ۽ جمالياتي عڪس پيدا ڪري ٿو جو پڙهڻ واري جو عقل دنگ رهجيو وڃي. ڊاڪٽر نور افروز لکي ٿي ته: ”ڪردار نگاريءَ جو تعلق حسن بياني يا طرز تحرير سان آهي“. (11)

شاهه جو ڪردارن کي بيان ڪرڻ جو انداز اهڙو ئي آهي. سندس ڪردار



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نگاريءَ جو ڪرشمو اهو آهي ته جڏهن هن هڪ عام ڪردار کي به ڇهيو آهي ته ان کي امر بڻائي ڇڏيو اٿس.

## 7. چنگ:

موسيقي لطيف فن آهي. موسيقي هر دؤر ۾ انسان جي ذهني سڪون توڙي روحاني زندگيءَ جي آبياريءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. دل ڇهندڙ موسيقي انسان جي اندر ۾ گهرائيءَ تائين سرائيت ڪري فڪر ۽ فلسفي جو هڪ نئون روح ڦوڪي ٿي، سوچ، سمجهه ۽ ادراڪ جا نوان دروازا کولي ٿي.

شاهه سر سورٺ ۾ پرياتي ۾ فن، فنڪار ۽ موسيقيءَ جي حوالي کان سرندي يا چنگ جو ڪردار بحث هيٺ آندو آهي.

چنگ جو ڪردار فڪري حوالي کان نهايت نرالو آهي. شاهه فنڪار ۽ فن کي ساز کان سواءِ بي معنيٰ ۽ بيڪارسمجهي ٿو. هو فن، فنڪار ۽ موسيقي جو وجود ئي ساز سان سمجهي ٿو. وٽس موسيقي انهن ٽنهي جي وحدت واري ميلاپ جو نتيجو آهي.

چارڻ! تنهنجي چنگ جو، عجب آهيم ايءُ،
هٿين اُيو هٿن سين، جيئرو رکيو جيءُ،
رات منهنجو ريءُ، ڪاتيو تو ڪماچ سين.
سورٺ (4- 3)

چنگ اها وجداني قوت آهي جنهن راءِ ڏياچ جهڙي بادشاهه جي اندر ۾ اڻ تڻ پيدا ڪري سندس جيءَ کي جهوري ڇڏيو آهي. شاهه وٽ چنگ جي هڪڙي تند جي اهميت انساني زندگيءَ کان هزار دفعا وڌيڪ آهي. شاهه چوي ٿو:

مٿي اُتي منهنجي، جي هئا سرن سو هزار،
ته تنهنجيءَ تند تنوار، هَرَ هَرَ وڃيم هيڪڙو.
سورٺ (3- 13)

شاهه وٽ موسيقيءَ جي آفاقي حيثيت آهي، جيڪا ڪنهن اعليٰ مقصد جي نمائندگي ڪندي نظر اچي ٿي.

## ڪينجهر:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه وٽ ڪردارن جي کوٽ ناهي، سڄي ڪائنات جي ڪثرتي شڪل ڪردارن جي ڪثرتي شڪل ئي آهي ۔ مثال ڪينجهر جو ڪردار ان ۾ ٿيندڙ نباتات ۽ ڪُمر، ڪوٽيون ۽ لوڙهيون، ٻهه، پٻڻ، پاٻوڙو ۽ ڪالوڙا، گند وغيره سڀ ڪردار جي حيثيت رکن ٿا. جيئن شاهه چوي ٿو:

گندَ جني جي گوڏ ۾، ڪين ڪالوڙا،
لوڙيُون ڪِين لطيف چئي، آسَڻِ اجوڙا،
تماچيءَ توڙان، وٽِي ويچارن سين.
ڪاموڏ (2 -21)

**نتيجو:** هن ريسرچ ۾ اسان ڏٺو ته شاهه وٽ صرف جاندار نه پر بي جان شيون پڻ هڪ ڪردار جي حيثيت ۾ آهن، شاهه انهن کي شاعريءَ ۾ اجاگر ڪيو آهي. عام طور ڪردار صرف جاندار سمجهيا ويندا آهن پر شاهه جي اها خصوصيت آهي ته هن شاعريءَ ۾ غير جاندار شين کي به ڪردار جي حيثيت ڏني آهي ۽ ايترو اپاريو آهي جو ڪٿي اهي ڳالهائين ٿا ڪٿي شاهه انهن سان مخاطب آهي ڪٿي اهي علامت آهن، ڪٿي تمثيل آهن. ڪٿي انهن ذريعي شاهه پنهنجو فڪر ۽ فلسفو ڏئي ٿو. شاهه جي شاعري جي هر ڪهاڻي انهن ڪردارن کان اڌوري آهي. ائين چئجي ته سنڌ جو هر ذرو شاهه وٽ ڪردار جي حيثيت رکي ٿو. جهڙي طرح انسان هڪ ڪردار آهي، هو فطرت جي ٻين ڪردارن سان لهه وچڙ ۾ اچي ٿو ته زندگي جي ڪهاڻي سرجي ٿي، اهڙي طرح شاهه پنهجن داستانن کي ا نهن ڪردارن ذريعي اڳتي وڌائي ٿو.

## حوالا


1. William Shakespeare, As you like it, Act 2, Scene 7, 139-143.
2. www. Wikipedia, the free encyclopedia. Com. (Date 23 may 2010)
3. www. American Heritage dictionary. Com. (1 June 2010)
4. www. Merriam-webster. Com/dictionary. 22. May 2010
5. www. Longman Dic: of contemporary English. Com. 22, May 2010
6. www. About. Com: Fiction writing. 23 Mya 2010
7. I-I- Qazi, casual peeps at Sophia, p.no 73, Sindhi Adadi borad Hyderabad, 1977.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

8. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ”سنڌ ۾ جل پوڄا جو رواج“،(مقالو) سر سامونڊي، ص 30، مرتب حميد سنڌي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1997ع.

9. ڪيرت ٻاٻاڻي، ”ادب ۾ قدرن جو سوال“، ص 64، بمبئي سورٺ پبليڪيشن، 1974ع.

10. ڊاڪٽر سليم اختر، ”عورت جنس اور جذبات“، ص 58، سنگ ميل پبليڪيشن لاهور، 1999ع.

11. ڊاڪٽر نور افروز خواجه، ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر“، ص 219، گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد، 1999ع.

12. شاهه جا بيت شاهواڻي صاحب جي رسالي تان ورتا ويا آهن.

**نوٽ:** جبلن جي نالن ۽ ماڳن مڪانن جي حوالي لاءِ سنڌي شعبي جي استاد محترم رخمان گل پالاريءَ جي رهنمائي ورتي وئي آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair